
هفتيوار رسالو

المدينۃ العلميہ جي ڪتاب "اسلامی بہنوں کے فضائل" مان تيار ڪيل رسالو

بنام

# فيضانِ ايّام



اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

**رسالي جو نالو: فيضانِ ايّام**

**ڇاپو پهريون:**

**تعداد:**

**ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي**

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ ايّام

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ**(دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN:☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email:🖃 translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# فيضانِ ايّام [1]

**عطار جي دعا:** يا الله پاڪ! جيڪو بہ 25 صفحن جو رسالو ”فيضانِ ايام“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي برڪت وارن ڏينهن جي صدقي پنهنجن پيارن ۾ شامل فرماءِ ۽ کيس ماءُ پيءُ سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (درود شريف جي فضيلت)

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جنهن مون تي هڪ دفعو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه دفعا درود پاڪ پڙهندو آهي، الله پاڪ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ دفعا درود پاڪ پڙهندو آهي، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نفاق ۽ دوزخ جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکيو ويندو.
(معجم اوسط،252/5، حديث: 7235)

يانبی ! تجھ پہ لاکھوں دُرُود و سلام
اپنی رَحمت سے تُو شاہِ خیرُ الْاَنام

اِس پہ ہے ناز مجھ کو ہوں تیرا غلام
مجھ سے عاصی کا بھی ناز بَردار ہے

(وسائلِ بخشش،ص481)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... هي مضمون مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب ”اسلامي مهينن جون فضيلتون“ صفحو نمبر 293 کان 320 تائين کنيو ويو آهي.

www.dawateislami.net

# جمعو مبارڪ

جمعو مبارڪ عظمت، برڪت ۽ ثواب جي اعتبار کان امتيازي مقام رکي ٿو، قرآن ڪريم ۾ انهيءَ نالي سان هڪ مڪمل سورت آهي جنهن ۾ جمعي جي نماز جو به ذڪر آهي. جو ته هن ئي ڏينهن سموري مخلوقات وجود ۾ مجتمع (يعني گڏ) ٿي، يعني خلقت جي تڪميل هن ئي ڏينهن ٿي، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مٽي به هن ئي ڏينهن گڏ ٿي ۽ هن ئي ڏينهن ماڻهو جمعي جي نماز گڏ ٿي ادا ڪندا آهن، انهن ئي سببن جي ڪري هن کي جمعو سڏيو ويو آهي. اسلام کان اڳ اهلِ عرب هن کي ”عَرُوبہ“ چوندا هئا. (مرأۃ المناجيح: 317/2)

هن مبارڪ ڏينهن کي ڪيترين ئي تاريخي نسبتون ۽ خاصيتون حاصل آهن، مثال طور:

- الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي جمعي جي ڏينهن پيدا فرمايو، انهيءَ ئي ڏينهن کين زمين تي لاٿو ويو ۽ انهيءَ ئي ڏينهن کين وفات ڏني وئي.
- جمعي جي ڏينهن ۾ هڪ گهڙي اهڙي آهي جو ٻانهو ان وقت جيڪو به سوال ڪندو آهي، الله پاڪ کيس عطا فرمائيندو آهي جيسيتائين حرام جو سوال نه ڪري.
- هن ئي ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. ڪوبه مقرب فرشتو، آسمانن ۽ زمين ۾، هوا، جبلن ۽ دريائن ۾ اهڙو نه آهي جيڪو جمعي جي ڏينهن کان نه ڏڄندو هجي. (ابنِ ماجہ، 8/2، حديث: 1084 ملتقطاً)
- هنن مقدس هستين جو نڪاح جمعي جي ڏينهن ٿيو:

﴿1﴾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو حضرت حوا رَضِیَ اللہُ عَنْہا سان

﴿2﴾ حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو حضرت زليخا رَضِیَ اللہُ عَنْہا سان

﴿3﴾ حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو حضرت صفورا رَضِیَ اللہُ عَنْہا سان

﴿4﴾ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جو حضرت بلقيس رَضِيَ اللهُ عَنْها سان

﴿5﴾ حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اُمّ المؤمنين حضرت بي بي خديجة الكبريٰ رَضِيَ اللهُ عَنْها ۽ اُمّ المؤمنين حضرت بي بي عائشه صِدّيقه رَضِيَ اللهُ عَنْها سان

﴿6﴾ مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو، خاتونِ جنت، حضرت بي بي فاطمة الزّهرا رَضِيَ اللهُ عَنْها سان.

(كتاب السبعيات في مواعظ البريات، ص 96 - فضائل الايام و الشهور، ص 185)

- هن ئي مبارڪ ڏينهن کي مسلمانن جي عيد قرار ڏنو ويو آهي.

(سننِ ڪبريٰ للبيهقي، 447/1، حديث:1427 ماخوذاً)

- جمعي کي سَيدُ الْأيَّام (يعني ڏينهن جو سردار) فرمايو ويو آهي.

(مستدرڪ، 567/1، حديث:1065 ماخوذاً)

- جمعة المبارڪ تي نيڪين جو ثواب وڌايو ويندو آهي.

(معجم اوسط: 33/6، حديث: 7895)

- هن ڏينهن دوزخ جا دروازا نه کوليا ويندا آهن ۽ نه ئي ان کي ڀڙڪايو ويندو آهي.
- انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ۽ ماءُ پيءُ جي سامهون هر جمعي تي اعمالناما پيش ڪيا ويندا آهن. (نوادر الاصول، 213/4، حديث: 924 ملتقطاً)
- هن ڏينهن مسلمان جمعي جي نماز ادا ڪندا آهن.

## جمعي جو مبارڪ ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جمعي جي شان ۽ عظمت بابت ته توهان ڄاڻي چڪا آهيو، هن برڪت واري ڏينهن جي مبارڪ گهڙين کي گذارڻ لاءِ به اسان جي مڪمل رهنمائي ڪئي وئي آهي، اچو! پڙهو:

## جمعي جي ڏينهن جو روزو

جمعي جو روزو جنت واجب ڪرڻ وارن عملن مان هڪ آهي، جيئن تہ نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي تہ: جنهن جمعي جي نماز پڙهي، ان ڏينهن جو روزو رکيو، ڪنهن مريض جي عيادت ڪئي، ڪنهن جنازي ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪنهن نڪاح ۾ شرڪت ڪئي، تہ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي وئي.

(معجم ڪبير: 97/8، حديث: 7484)

## صرف جمعي جو روزو رکڻ ڪيئن آهي؟

خصوصيت سان صرف جمعي يا صرف ڇنڇر جو روزو رکڻ مڪروهِ تنزيهي آهي. پر جيڪڏهن ڪنهن خاص تاريخ تي جمعو يا ڇنڇر اچي وڃي تہ پوءِ ان ۾ ڪراهت نہ آهي. مثال طور 15 شعبان شريف، 27 رجب شريف وغيره جمعي تي اچي وڃن ۽ هاڻي انهن تاريخن جي ڪري صرف جمعي جو روزو رکيو تہ حرج نہ آهي. مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جمعي جو ڏينهن توهان جي لاءِ عيد آهي، ان ڏينهن روزو نہ رکو پر هي تہ، ان کان اڳ يا پوءِ بہ روزو رکو.

(الترغيب والترهيب: 81/2، حديث: 11)

## 10 هزار سالن جي روزن جو ثواب

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: روايتن ۾ آهي تہ جمعي جو روزو جڏهن ان سان گڏ خميس (جمعرات) يا ڇنڇر جو روزو بہ شامل هجي، تہ اهو 10 هزار سالن جي روزن جي برابر آهي. (فتاويٰ رضويہ: 653/10)

## جمعي جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شبِ جمعہ ۽ روزِ جمعہ يعني جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل ذڪر ڪيا پيا وڃن، انهن جو بہ مطالعو فرمايو:

## (1): جمعي جي رات جا 4 عمل

❀ جمعي جي رات مغرب جي نماز کان پوءِ حديث ۾ بيان ڪيل طريقي جي مطابق ٻه رڪعتون نماز ادا ڪرڻ وارو موت جي تڪليف ۽ قبر جي عذاب کان محفوظ رهندو، جيئن ته مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي ته جيڪو شخص جمعي جي رات مغرب جي نماز کان پوءِ ٻه رڪعتون هن طرح ادا ڪري جو هر رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحه ۽ 15 دفعا سورة الزلزال پڙهي، ته الله پاڪ ان تي موت جي سڪرات آسان فرمائيندو، ان کي قبر جي عذاب کان محفوظ رکندو ۽ قيامت جي ڏينهن پل صراط تان گذرڻ ان جي لاءِ آسان ڪري ڇڏيندو. (اللمعة في خصائص الجمعة، ص: 113)

❖ سورة يٰس شريف پڙهو ۽ مغفرت جا حقدار بڻجي وڃو، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص شبِ جمعه (يعني خميس ۽ جمعي جي وچ واري رات) سورت يٰس پڙهندو، ان جي مغفرت ڪئي ويندي.

(الترغيب والترهيب، 298/1، حديث: 4)

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مومن جمعي جي رات ٻه رڪعتون اهڙي طرح پڙهي جو هر رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ 25 دفعا سورة اخلاص پڙهي، پوءِ هي درود پاڪ "صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ" هڪ هزار دفعا پڙهي، ته ايندڙ جمعي کان پهريان خواب ۾ منهنجي زيارت ڪندو ۽ جنهن منهنجي زيارت ڪئي، الله پاڪ ان جا گناهه معاف فرمائي ڇڏيندو.

(القول البديع، ص: 383)

❖ امام زُهري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو شخص جمعي جي رات غسل ڪري ٻه رڪعتون هن طرح پڙهي جو انهن ۾ هزار دفعا سورة اخلاص پڙهي، ته ان کي خواب ۾ نبيءِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ٿيندي.

(تاريخ ابنِ عساڪر، 301/9، رقم: 816)

## (2): جمعي جي ڏينهن جا 5 عمل

❖ ننهن لاهڻ، ڇو ته اهو عمل شفا حاصل ڪرڻ جو سبب آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن پنهنجا ننهن لاهيندو آهي، الله پاڪ ان مان بيماري ڪڍي ڪيس شفا ڏئي ڇڏيندو آهي. (مصنف عبدالرزاق، 93/3، حديث: 5325)
هتي هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪريو ته! جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي، پر جيڪڏهن ننهن گهڻا وڏا ٿي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪيو وڃي ڇو ته وڏا ننهن رزق ۾ تنگيءَ جي سببن مان هڪ سبب آهن.

(بهار شريعت، 582/1، حصو: 4)

❖ جمعي جي ڏينهن غسل ڪريو ۽ خوشبو لڳايو، ڇو ته نبيءِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ۽ وسَ آهر صفائي ڪري، پوءِ تيل ۽ گهر ۾ موجود خوشبو لڳائي، پوءِ نماز جي لاءِ گهران نڪري ۽ ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جدائي نه ڪري (اهڙي طرح نه ئي ماڻهن جي ڪَنڌن کي اورانگهيندو اڳتي وڌي ۽ نه ئي ٻن ماڻهن کي ڇيري انهن جي وچ ۾ ويهي بلڪ ڪيس جتي به جاءِ ملي اتي ئي ويهي رهي) ۽ جيڪا نماز ان جي لاءِ لکي وئي آهي اها پڙهي ۽ جڏهن امام خطبو پڙهي ته خاموش رهي ته اهڙي شخص جا هن جمعي کان ايندڙ جمعي جي وچ وارا گناهه بخشيا ويندا.

(بخاري، 306/1، حديث: 883)

❖ جمعي جي ڏينهن سنا ڪپڙا پهريو، ڇوجو نبيءِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن جمعي جي ڏينهن غسل ڪيو ۽ سنا ڪپڙا پهريا ۽ خوشبو (موجود هئڻ جي صورت ۾) لڳائِي، پوءِ جمعي جي نماز جي لاءِ سڪون ۽ وقار سان هليو ۽ ڪنهن نمازي کي نه اورانگهيو، ڪنهن کي تڪليف نه پهچائي، پوءِ نماز ادا ڪئي ۽ امام جي واپس وڃڻ تائين انتظار ڪيو، ته ان جا ٻنهي جمعن جي وچ وارا گناهه معاف ڪيا ويندا.

(مجمع الزوائد، 385/2، حديث: 3039- معجم كبير، 160/4، حديث: 4006)

شيخ عبد الحق محدث دهلوي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا تہ جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن هڪ هزار دفعا هي درود شريف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهندو تہ خواب ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو يا جنت ۾ پنهنجي جاءِ ڏسي وٺندو. جيڪڏهن پهرين دفعي مقصد پورو نہ ٿئي تہ ايندڙ جمعي تي بہ پڙهي، ان شاءَ الله پنجن جمعن تائين خوشي ملڻ وارو خواب ڏسندو.

(جذب القلوب، ص: 242 ماخوذاً)

- جيڪڏهن والدين دنيا مان رخصت ٿي ويا هجن تہ سندن قبر جي زيارت ڪيو، چوتہ (ماءُ پيءُ جي قبر جي) زيارت جو افضل وقت جمعي جي ڏينهن صبح جي نماز کان پوءِ جو آهي. (فتاويٰ رضويہ، 523/9)

## (3): جمعي جي نماز عمامي سان ادا ڪريو

جمعي جي ڏينهن عمامو شريف ٻڌڻ سنتِ مبارڪ آهي ۽ ان جي برڪت سان الله پاڪ اَجر ۽ ثواب ۾ بہ تمام گهڻو اضافو فرمائيندو آهي. آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: عمامي سان هڪ جمعو پڙهڻ بغير عمامي جي ستر جمعا پڙهڻ برابر آهي. (جامع صغير، ص: 314، حديث: 5101 مختصراً- تاريخ ابنِ عساکر، 355/37، رقم: 4399)

جمعي جي ڏينهن عمامو شريف ٻڌي نمازِ جمعہ پڙهڻ وارن تي الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا درود موڪليندا آهن، جيئن تہ الله پاڪ جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا جمعي جي ڏينهن عمامو ٻڌڻ وارن تي درود موڪليندا آهن. (مجمع الزوائد، 394/2، حديث: 3075- ڪنز العمال، جز: 7، 302/4، حديث: 21162)

حضرت علامہ ابنِ حَجَر عَسْقَلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله پاڪ جي درود موڪلڻ جو مطلب رحمت نازل ڪرڻ آهي ۽ فرشتن جي درود موڪلڻ جو مطلب استغفار ڪرڻ آهي. (فتح البارى لابن حجر، 131/12، تحت الحديث: 6358)

## (4) جمعي جي نماز کان پوءِ هيءَ دعا گهُرو

شارح بخاري حضرت علّامہ احمد بن محمد قسطلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه (وفات:923 ھ)، حضرت امام عبدالله يافِعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه (وفات:768ھ) کان لکن ٿا تہ نمازِ جمعہ کان پوءِ هي دعا ڪرڻ گهرجي:

اَللّٰهُمَّ يَاذَا الْمَنِّ وَلَايُمَنُّ عَلَيْكَ، يَاذَا الْجَلَالِ وَ الْاِكْرَامِ، يَاذَاالطَّوْلِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ ظَهْرُ اللَّاجِيِيْنَ وَجَارُ الْمُسْتَجِيْرِيْنَ وَ مَأْمَنُ الْخَائِفِيْنَ اِنْ كُنْتَ كَتَبْتَنِيْ شَقِيًّا اَوْ مَحْرُوْمًا اَوْ مُقَتَّرًا عَلَيَّ فِي الرِّزْقِ فَامْحُ شَقَاوَتِيْ وَحِرْمَانِيْ وَ اِقْتَارَ رِزْقِيْ وَاَثْبِتْنِيْ عِنْدَكَ سَعِيْدًا مَّرْزُوْقًا مُّوَفَّقًا لِّلْخَيْرَاتِ، فَاِنَّكَ قُلْتَ فِيْ كِتَابِكَ الْعَزِيْزِ الْمُنَزَّلِ عَلٰى نَبِيِّكَ الْمُرْسَلِ

﴿يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَ يُثْبِتُ ۚ وَعِنْدَهٗۤ اُمُّ الْكِتٰبِ﴾ (پارو: 13، الرعد: 39)

(الارشاد و التطريز، ص: 44 - لوامع الانوار في الادعية و الاذكار، ص: 261 بالفاظ متقاربة)

## (5): جمعي جي ڏينهن جا ڪجهہ ٻيا عمل

❖ حضور نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي 80 دفعا درود پاڪ پڙهندو، الله پاڪ ان جا 80 سالن جا گناهہ معاف فرمائيندو. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان تي درود ڪيئن موڪليون؟ فرمايائون: هينئن چئو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِكَ وَنَبِيِّكَ وَرَسُوْلِكَ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ يعني اي الله پاڪ! پنهنجي خاص ٻانهي، پنهنجي نبي ۽ پنهنجي رسول، نبي، اُمّي حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت نازل فرماءِ.

(احياءُ العلوم: 251/1 ملخصاً)

❖ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: روشن رات ۽ چمڪندڙ ڏينهن (يعني جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن) ۾ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو. (معجم اوسط، 84/1، حديث: 241)

❖ سورة ڪهف جي تلاوت ڪريو، جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن سورة ڪهف پڙهندو آهي، ان جي ۽ بيتِ عتيق (خانۂ ڪعبہ) جي وچ ۾ هڪ نور روشن ڪيو ويندو آهي.

(شعب الايمان، 474/2، حديث: 2444)

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جمعي جي ڏينهن مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو ڇو تہ هي يومِ مشهود (حاضري جو ڏينهن) آهي، ان ڏينهن فرشتا حاضر ٿيندا آهن ۽ جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهندو آهي، ان جي درود پاڪ کان فارغ ٿيڻ کان پهريان سندس درود مون تائين پهچي ويندو آهي.

(ابنِ ماجہ، 291/2، حديث: 1637)

❖ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن جامع مسجد ۾ داخل ٿئي ۽ جمعي جي نماز کان پهريان چار رڪعتون نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ اَلْحَمْدُ لله (سورة فاتحہ) ۽ 50 دفعا قُلْ هُوَ اللهُ اَحَد (مڪمل سورت) پڙهي تہ اهو مرڻ کان پهريان جنت ۾ پنهنجو مقام ڏسي وٺندو يا ان کي سندس مقام ڏيکاريو ويندو. (احياءُ العلوم، 267/1)

❖ جيڪڏهن ڪا سخت مشڪل يا ضرورت پيش اچي وڃي تہ اربع، خميس ۽ جمعو مسلسل ٽي ڏينهن روزا رکي ۽ جمعي جو غسل ڪري نمازِ جمعہ لاءِ وڃي ۽ ڪجھ خيرات بہ ڪري، پوءِ نمازِ جمعہ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهي پنهنجي مقصد لاءِ دل جي گهرائيءَ سان ۽ روئي روئي خدا کان دعا گهري تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي دعا ضرور قبول ٿيندي.

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِاِسْمِكَ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ هُوَ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ وَاَسْئَلُكَ بِاِسْمِكَ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ اَلَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ اَلْحَيُّ الْقَيُّوْمُ ؕ لَا تَاْخُذُهٗ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ ؕ اَلَّذِيْ مَلَئَتْ عَظَمَتُهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ ؕ وَاَسْئَلُكَ بِاِسْمِكَ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ اَلَّذِيْ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ وَعَنَتْ لَهُ الْوُجُوْهُ وَخَشَعَتْ لَهُ الْاَصْوَاتُ وَوَجِلَتِ الْقُلُوْبُ مِنْ خَشْيَتِهٖ اَنْ تُصَلِّيَ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَاَنْ تُعْطِيَنِيْ مَسْئَلَتِيْ وَتَقْضِيَ حَاجَتِيْ بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْن.

نوٽ: لفظ حاجتي کان پوءِ پنهنجي ضرورت جي باري ۾ ذڪر ڪريو.

(جنتي زيور، ص: 578 بتغيرٍ)

## ڇنڇر

ڇنڇر جو ڏينهن بہ گھڻو برڪت وارو ۽ عظمت وارو آهي. ڇنڇر جي ڏينهن کي تاريخي اعتبار کان بہ ڪيترين ئي نسبتون حاصل آهن:

- نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنگِ بدر جي لاءِ ٽي سؤ پنج مهاجر ۽ انصار صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم سان گڏ ڇنڇر جي ڏينهن مديني منوره کان روانا ٿيا.
(فيضانِ فاروق اعظم، 474/1 ملخصاً)

- پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڇنڇر تي ڪڏهن سواري تي تہ ڪڏهن پيدل قبا تشريف وٺي ويندا هئا. (مسلم، ص: 555، حديث: 3396)

- الله پاڪ ڇنڇر جي ڏينهن زمين جي اصل کي پيدا فرمايو.
(مسلم، ص: 1149، حديث: 7054)

- الله پاڪ ڇنڇر جي ڏينهن حضرت داؤد عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم جي 70 هزار ماڻهن تي مڇيءَ جي شڪار کي حرام فرمايو هو.
(عجائب القرآن مع غرائب القرآن، ص: 34 ماخوذاً)

- قرآن پاڪ ۾ يومِ سَبت يعني ڇنڇر جي ڏينهن جو ذڪر ستن جاين تي آيو آهي. (فضائل الايام والشهور، ص: 240)

## ڇنڇر جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دينِ اسلام جهڙي طرح هر ڏينهن کي نيڪين ۾ گذارڻ لاءِ اسان جي رهنمائي فرمائي آهي، ائين ئي ڇنڇر جي ڏينهن کي بہ نيڪين ۾ گذارڻ لاءِ ڪجھ عمل ٻڌايا آهن، جن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان اسان جو هي ڏينهن بہ خير ۽ برڪت وارو بڻجي سگهي ٿو.

## ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو

ان ڏينهن جي معمولات مان آهي تہ ان ڏينهن روزو رکيو وڃي، جيئن حضرت بي بي امّ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اڪثر ڇنڇر ۽ آچر جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: هي ٻئي (ڇنڇر ۽ آچر) مشرڪن جي عيدن جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان.

(صحيح ابنِ خزيمہ، 318/3، حديث: 2167)

ڇنڇر جي ڏينهن روزو رکڻ جي ترغيب سان گڏوگڏ ان ڏينهن روزو رکڻ جي ممانعت بہ آئي آهي، جيئن تہ حضرت عبد الله بن بُسر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجي ڀيڻ کان روايت ڪن ٿا تہ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇنڇر جي ڏينهن جو روزو فرض روزن کان سواءِ نہ رکو. (ترمذي، 186/2، حديث: 744 ملخصاً)

حڪيم الامت حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ان جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ نفلي روزو فقط ڇنڇر جي ڏينهن نہ رکو ڇو تہ ان ۾ يهودين سان مشابهت آهي، ڇوتہ اهي جيتوڻيڪ ڇنڇر جي ڏينهن روزو نہ رکندا آهن پر ان ڏينهن جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا آهن، توهان جو ان ڏينهن روزو رکڻ انهن سان مشابهت ٿيندو. جمهور علماءِ ڪرام رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِم جو قول آهي تہ هيءَ ممانعت بہ تنزيهي آهي. جيڪڏهن ڇنڇر سان گڏ (ڪنهن) ٻئي ڏينهن (مثال طور آچر يا جمعي) جو بہ روزو رکيو وڃي تہ نہ مشابهت رهندي ۽ نہ ئي ممانعت.

(مراٰة المناجيح، 192/3 بتغيرٍ)

## ڇنڇر جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل

## (1) چنچر جو بابرڪت صبح

ملفوظاتِ اعليٰ حضرت ۾ آهي:

عرض: حضور هڪ استغاثه پيش ڪرڻو آهي (يعني ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرڻي آهي)، ان جي لاءِ ڪهڙو ڏينهن مناسب آهي؟

ارشاد: ان جي لاءِ ڪو خاص ڏينهن مقرر نہ آهي، پر حديث شريف ۾ ارشاد آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن حاجت جي لاءِ چنچر جي ڏينهن صبح جو سج اُڀرڻ کان پهريان پنهنجي گهر کان نڪري، تہ ان جي حاجت روائي (يعني حاجت پوري ٿيڻ) جو مان ضامن (يعني ذميوار) آهيان.

(مسند الفردوس، 519/3، حديث: 5620- ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، ص: 116)

## (2) سيدنا فاروقِ اعظم جو طريقو

مسلمانن جا ٻيان نمبر خليفا، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ هر چنچر جي ڏينهن مديني شريف جي مٿانهينءَ واري حصي ڏانهن تشريف ڪٽي ويندا هئا، جيڪڏهن پاڻ رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ اتي ڪنهن غلام کي اهڙو ڪم ڪندي ڏسندا هئا جنهن جي ان کي طاقت نہ هوندي هئي تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ ان جو سندس ڪم ۾ هٿ وَنڊائيندا هئا. (احياءُ العلوم، 275/2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ هن ڏينهن غريبن ۽ ڪمزور ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي اهڙي طرح ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰہُ عَنْہُ جي طريقي تي بہ عمل ٿي ويندو.

## آچر

آچر عظمتن ۽ برڪتن وارو ڏينهن آهي، آچر کي ڪيترين ئي تاريخي نسبتون ۽ خاصيتون حاصل آهن، مثال طور:

❖ الله پاڪ آچر جي ڏينهن ٽن قسمن جا تارا پيدا ڪيا.

❖ هي ست سمنڊ بہ هن ئي ڏينهن پيدا بڻايا: (1) طَبَرِستان (2) بَحرِ ڪَرمان (3) بَحرِ قلزم (4) بَحرِ هِند (5) بَحرِ عُمان (6) بَحرِ رُوم (7) بَحرِ مَغرب

❖ هن ئي ڏينهن الله پاڪ باهہ، ست زمينون، انسان سان گڏ سندس سجدي ڪرڻ وارا عضوا يعني ٻئي هٿ، ٻئي پير، گوڏا ۽ مُنهُن تخليق ڪيا ۽ ست ئي ڏينهن پيدا ڪيا. (ڪتاب السبعيات في مواعظ البريات، ص: 26-36 ملتقطاً - فضائل الايام و الشهور، ص: 26 تا 33 ملتقطاً)

❖ آچر جي ڏينهن زمين کيڙڻ، وڻ لڳائڻ ۽ گهر جي تعمير ڪرڻ برڪت جو باعث آهي. (فضائل الايام و الشهور، ص: 25)

## آچر جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ ڪيترن ئي ملڪن ۽ وڏن شهرن ۾ آچر جي ڏينهن اڪثريت جي موڪل هوندي آهي، جنهن جي ڪري رات جو دير سان سمهڻ ۽ آچر تي صبح جو دير سان اُٿڻ جو رواج آهي، جنهن ڪري هڪ تعداد نمازِ فجر کان محروم رهجي ويندو آهي. ڪجهہ اهڙا بہ ماڻهو آهن جيڪي بغير ڪنهن سبب جي گهٽين، محلن يا گهر ۾ سڄي سڄي رات جاڳي فضول ڳالهين ۾ وقت برباد ڪندا آهن ۽ ڪجهہ ماڻهو طرح طرح جي گناهن ۾ مشغول رهندا آهن. جيڪڏهن هن ڏينهن کي اسان الله پاڪ جي عبادت، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ ذڪر ۽ درود جي ڪثرت ۾ گذاريون تہ ان جي برڪت سان اسان جي اعمالنامي ۾ نيڪين جو ذخيرو گڏ ٿي ويندو. هن موڪل مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ جلدي اُٿي نمازِ تهجد ادا ڪريو ۽ پوءِ مسجد جي پهرين صف ۾ نمازِ فجر باجماعت ادا ڪريو ۽ نمازِ اشراق ۽ چاشت ادا ڪرڻ جي لاءِ سج اُڀرڻ تائين ذڪر ۽ درود ۾ مشغول رهو، جو ان جي تمام گهڻي فضيلت آهي، جيئن حديث پاڪ

۾ آهي تہ: جيڪو شخص فجر جي نماز جماعت سان پڙهي، پوءِ ويهي خدا جو ذڪر ڪندو رهي، ايسيتائين جو سج بلند ٿي وڃي ۽ پوءِ بہ رڪعتون پڙهي، تہ ان کي هڪ حج ۽ هڪ عمري جو ثواب ملندو. (ترمذي، 100/2، حديث: 586) هن ڏينهن جي سني شروعات سان گڏ فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ڪان سواءِ سمورو ڏينهن نيڪين ۾ مشغول رهو، ان شاءَالله ان جون تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. هن ڏينهن جي باري ۾ احاديثِ مبارڪ ۽ بزرگانِ دين رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْهِم جي قولن جي روشني ۾ ڪجھ نفل ۽ وظيفا پڙهو ۽ انهن تي عمل جي ڪوشش ڪريو.

## آچر جو روزو

ممڪن هجي تہ ان ڏينهن جو روزو رکو، ڇو تہ اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اڪثر ڇنڇر ۽ آچر جو روزو رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا: هي ٻئي (ڇنڇر ۽ آچر) مشرڪن جي عيد جا ڏينهن آهن ۽ مان چاهيان ٿو تہ انهن جي مخالفت ڪريان.

(صحيح ابنِ خزيمہ، 318/3، حديث: 2167)

مشهور مفسر، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُاللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ: ڇنڇر جو ڏينهن يهودين جي عيد آهي ۽ آچر جو ڏينهن عيسائين جي عيد آهي، انهن ڏينهن ۾ هُو خوب ڪائيندا پيئندا آهن ۽ عيش عشرت ڪندا آهن، اسان انهن جي مخالفت ۾ روزو رکيو. (مراٰة المناجيح، 194/3)

## آچر جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل

## (1) حاجت روائي جا 2 عمل

❖ حضور نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: آچر جي ڏينهن نماز جي ڪثرت سان الله پاڪ جي وحدانيت بيان ڪريو، ڇو تہ الله پاڪ هڪ آهي، ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي. جنهن آچر جي ڏينهن نمازِ ظهر جي فرض ۽ سنتن ڪان

پوءِ چار رڪعتون نماز پڙهِي، پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحہ ۽ تَنْزِيْلُ السَّجْدَہ (سورة سجده) پڙهي، ٻئي ۾ سورت فاتحہ ۽ سورة ملڪ پڙهي، پوءِ تشهد پڙهي سلام ڦيرايو ۽ آخري ٻن رڪعتن جي لاءِ ٻيهنو ۽ انهن ۾ سورة فاتحہ ۽ سورة جمعہ جي تلاوت ڪئي ۽ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت روائي جي لاءِ دعا گهري، تہ الله پاڪ جي ذمي تي آهي تہ سندس حاجت پوري فرمائي.

(احياءُ العلوم، 266/1)

❖ جيڪو ضرورت مند آچر جي ڏينهن سج اُڀرڻ جي وقت 10 دفعا سورة الڪافرون پڙهي، ان جو ڪم ٿي ويندو. (جنتي زيور، ص: 604)

## انبياءِ ڪرام سان گڏ جنت ۾ داخلا

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ جيڪو شخص آچر جي رات ويهہ رڪعتون نماز پڙهي ۽ هر رڪعت ۾ سورة فاتحہ کان پوءِ پنجاهہ (50) دفعا سورت اخلاص قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد ۽ هڪ هڪ دفعو مُعَوَّذَتَيْن(سورت فلق ۽ ناس) پڙهي، پوءِ سؤ (100) دفعا استغفار ڪري، پوءِ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي والدين جي لاءِ سؤ (100) دفعا مغفرت جي دعا گهري، سؤ (100) دفعا نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهي، پنهنجي طاقت ۽ قوت کان براءَت جو اظهار ڪري ۽ الله پاڪ جي پناهہ گهري ۽ چوي ”اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ وَاَشْهَدُ اَنَّ آدَمَ صَفْوَةُ اللّٰهِ وَفِطْرَتُه وَاِبْرَاهِيْمَ خَلِيْلُ اللّٰهِ وَمُوْسٰى كَلِيْمُ اللّٰهِ وَعِيْسٰى رُوْحُ اللّٰهِ وَمُحَمَّدًا حَبِيْبُ اللّٰهِ يعني مان شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي، هُو اڪيلو آهي، ان جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو تہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام صَفِيُّ الله آهن ۽ الله پاڪ انهن کي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو ۽ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خليلُ الله، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ڪليم الله، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام روحُ الله ۽ حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حبيب آهن.“ تہ ان شخص جي لاءِ الله پاڪ کان اولاد جي دعا گهرڻ

وارن ماڻهن جي تعداد برابر ثواب آهي. قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ان کي اَمن وارن سان گڏ اتاريندو ۽ الله پاڪ جي ذمي تي آهي تہ ان کي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام سان گڏ جنت ۾ داخل فرمائي. (مفتاح السعادة، ص: 727)

## سُومَر شريف

سومر شريف جي ڏينهن جي عظمت ۽ برڪت ڄاڻڻ لاءِ ان جون ڪجھ تاريخي نسبتون ۽ خاصيتون پڙهي وٺو:

- حضرت ادريس عَلَيْهِ السَّلَام کي سومر شريف جي ڏينهن آسمان ڏانهن کنيو ويو ۽ پاڻ جنت ۾ داخل ٿيا.
- حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سومر شريف جي ڏينهن طُور جبل تي تشريف وٺي ويا.
- سومر شريف جي ڏينهن ئي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پهريون ڀيرو حاضر ٿيا.
- امت جا عمل بہ سومر شريف جي ڏينهن ئي اسان جي پياري پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن.

(ڪتاب السبعيات في مواعظ البريات، ص: 42 ملتقطاً - فضائل الايام و الشهور، ص: 47)

- سومر جي ڏينهن کي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ اقدس ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دور کان خاص برڪتون مليون آهن، مثال طور: (1) حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت باسعادت سومر شريف جي ڏينهن ٿي ۽ سومر شريف جي ڏينهن ئي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبوت جو ظهور ٿيو. (2) سومر شريف جي ڏينهن مڪي مڪرمہ کان هجرت فرمايائون. (3) سومر شريف جي ڏينهن مديني منوره ۾ داخل ٿيا. (4) سومر شريف جي ڏينهن دارِ فاني کان دارِ بقا ڏانهن رحلت فرمايائون. (5) پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حجرِ اسود کي بہ سومر شريف جي ڏينهن ئي نصب فرمايو.

(مسند احمد، 594/1، حديث: 2506 بتقدم وتاخر)

❖ هڪ روايت موجب بدر ۾ فتح بہ سومر شريف جي ڏينهن ملي ۽ سومر شريف جي ڏينهن ئي سورة مائده نازل ٿي. (معجم ڪبير، 183/12، حديث: 12984 ملخصاً)

## سُومَر شريف جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سومر شريف کي اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت جي ڪري تمام گهڻو شرف حاصل آهي، تنهنڪري هن ڏينهن کي هن طرح گذاريو:

## سُومَر شريف جو روزو

ممڪن هجي تہ سومر شريف جو روزو رکو، ڇو تہ سومر شريف جو روزو رکڻ سنت آهي، جيئن حضرت ابو قتاده رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا تہ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سومر جي روزي بابت پڇا ڪئي وئي تہ فرمايائون: هن ئي ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ هن ئي ڏينهن مون تي وحي نازل ٿي.

(مسلم، ص: 455، حديث: 2750)

## سُومَر جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سومر جي ڏينهن سان لاڳاپيل ڪجھ عمل پيش ڪيا پيا وڃن:

## سمورا گناهہ معاف

❖ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو شخص سومر جي ڏينهن سج بلند ٿيڻ جي وقت ٻہ رڪعتون ادا ڪري ۽ هر رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحہ، هڪ دفعو آيت الڪرسي، هڪ دفعو سورة اخلاص (قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد) ۽ هڪ هڪ دفعو مُعَوَّذَتَيْن (سورة فلق ۽ ناس) پڙهي ۽ سلام ڦيرائڻ کان پوءِ ڏھ دفعا استغفار ڪري ۽ ڏھ دفعا

مون تي درود پاڪ پڙهي، تہ الله پاڪ ان جا سڀ گناهہ معاف فرمائي ڇڏيندو. (احياءُ العلوم، 266/1)

- جيڪو شخص سومر جي رات چار رڪعتون نماز پڙهي، پهرين رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحہ ۽ 10 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد پڙهي، ٻِي رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحہ ۽ 20 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد پڙهي، ٽِين رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحہ ۽ 30 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد پڙهي، چوٿين رڪعت ۾ هڪ دفعو سورة فاتحہ ۽ 40 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد پڙهي، پوءِ سلام ڦيرائي 75 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد پڙهي، پوءِ پنهنجي ۽ پنهنجي والدين جي لاءِ 75 دفعا استغفار ڪري، پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت گهري، تہ الله پاڪ جي ذمي تي آهي تہ ان جي حاجت پوري فرمائي. (احياءُ العلوم، 268/1)

- جيڪو شخص ٻہ رڪعتون نماز پڙهي، هر رڪعت ۾ 15 دفعا سورة فاتحہ، 15 دفعا قُلْ هُوَاللّٰهُ اَحَد ۽ 15، 15 دفعا مُعَوَّذَتَيْن (يعني سورة فلق ۽ ناس) پڙهي ۽ سلام ڦيرائڻ کان پوءِ 15 دفعا آية الكرسي پڙهي ۽ 15 دفعا الله پاڪ کان استغفار ڪري، تہ ان جي لاءِ عظيم ثواب ۽ وڏو اجر آهي. (اتحاف السادة المتقين، 630/3)

## اڱارو

اڱارو ہہ مبارڪ ڏينهن آهي، ان ڏينهن کي تاريخي اعتبار کان ڪيترين ئي نسبتون حاصل آهن، مثال طور:

هِن ئي ڏينهن الله پاڪ پنهنجي برگزيده نبي حضرت ايوب عَلَيْهِ السَّلَام کي شفا عطا فرمائي. (مستدرڪ، 298/5، حديث: 7556 ملخصاً)

- هِن ئي ڏينهن الله پاڪ، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيت المقدس کان ڪعبہءِ مشرفہ ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. (صحيح ابنِ حبان، 108/3، حديث: 1713)

❖ هِن ئي ڏينهن سورةُالْحَدِيْد نازل ٿي ۽ هن ئي ڏينهن الله پاڪ لوهه کي پيدا فرمايو. (مجمع الزوائد، 154/5، حديث: 8331)

❖ هِن ئي ڏينهن الله پاڪ جبلن ۽ انهن ۾ موجود فائدو پهچائڻ وارين شين کي پيدا فرمايو. (مستدرڪ، 409/3، حديث: 4050)

❖ هِن ئي ڏينهن الله پاڪ جهنم کي پيدا ڪيو ۽ هن ئي ڏينهن الله پاڪ ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام کي اولادِ آدم جي روحن تي مقرر فرمايو.

(فيض القدير، 63/1، تحت الحديث: 8)

## اڱاري جو ڏينهن ڪئين گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڱاري بابت توهان کي معلوم ٿي چڪو آهي، هن مبارڪ ڏينهن کي گذارڻ جي تفصيل هيءَ آهي:

## اڱاري جو روزو

حضور نبيِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ مهيني ڇنڇر، آچر ۽ سومر جو جڏهن ته ٻئي مهيني اڱارو، اربع ۽ خميس جو روزو رکندا هئا. (ترمذي، 186/2، حديث: 746)

## اڱاري جي ڏينهن ڪپڙا نہ ڪٽيو

اڱاري جي ڏينهن نئون ڪپڙو ڪٽڻ کان بچڻ گهرجي. شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو قول لکندي فرمائن ٿا ته جيڪو ڪپڙو اڱاري جي ڏينهن ڪٽيو ويندو، ته اهو ڪپڙو چوري ٿي ويندو يا پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو يا ان کي باهه ساڙي ڇڏيندي. (ڪشف الالتباس، ص: 54)

نوٽ: جڏهن ڪو شخص نئون لباس پهري ته ڏهه دفعا سورت "اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ" پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري ۽ ان پاڻيءَ جا ڇنڊا لباس تي هڻي، ته برڪت ٿيندي.

(ڪشف الالتباس، ص: 54)

# اربع

اربع جو ڏينهن بہ ڪيترين ئي امتيازي خاصيتون رکي ٿو ۽ ان ڏينهن کي بہ تاريخي اعتبار کان ڪيترين ئي نسبتون حاصل آهن، مثال طور:

❖ اربع جي ڏينهن الله پاڪ ستن ڪافرن کي ستن شين سان هلاڪ ڪيو:

(1) عَوج بن عُنق جنهن جي عمر چار هزار پنج سؤ (4500) سال هئي ۽ سندس قد سيني کان وڏو هو، کي هُدهُد پکيءَ جي ذريعي هلاڪ فرمايو. (2) قارون کي خَسْف (زمين ۾ دَٻائڻ) جي وسيلي. (3) فرعون ۽ ان جي لشڪر کي درياءَ جي وسيلي. (4) نمرود ملعون کي مڇر جي ذريعي. (5) قومِ لوط کي پٿرن سان (6) شَدّاد بن عاد کي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي آواز سان. (7) قومِ عاد کي تيز هوا جي ذريعي.

(ڪتاب السبعيات في مواعظ البريات، ص: 71 - فضائل الايام و الشهور، ص: 117)

❖ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ جنهن اربع يا ڇنڇر جي ڏينهن حجامہ ڪرايو، پوءِ اهو پنهنجي جسم ۾ بَرَص ڏسي، تہ اهو پنهنجو پاڻ کي ئي ملامت ڪري. (جامع صغير، ص: 508، حديث: 8328)

حضرت علّامہ عبدالرئوف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (وفات:1031 ھ) فرمائن ٿا تہ امام ابو جعفر نيشاپوري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: مون هڪ ڏينهن چيو تہ هي حديث غيرِ صحيح آهي ۽ مون اربع جي ڏينهن حجامہ ڪرايو، تہ مون کي بَرَص (جي بيماري) ٿي وئي. پوءِ مان خواب ۾ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت سان مشرف ٿيس، تہ مون پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ان مرض جي شڪايت ڪئي، جنهن تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تون منهنجي حديث جي اهانت ڪرڻ کان بچ (يعني تون منهنجي حديث جي مخالفت ڪئي، ان ڪري هن مرض ۾ مبتلا ٿيو آهين).

(فيض القدير، 45/6، تحت الحديث: 8328)

❖ بزرگانِ دين رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡهِم تدريس جي مجلس جي شروعات اربع جي ڏينهن ڪندا آهن، ڇوته علم نور آهي، تنهنڪري ان جي ابتدا نور جي ڏينهن ئي مناسب آهي. (فضائل الايام و الشهور، ص: 115)

## اربع جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اربع جي نسبتن ۾ امتيازي خاصيتن کي ڄاڻڻ کان پوءِ ان ڏينهن ڪرڻ وارن ڪجهه منتخب عملن جي تفصيل پڙهو:

## اربع جو روزو

حضرت مسلم قرشي رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ روايت ڪن ٿا ته مان حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان سڄي زندگيءَ جا روزا رکڻ بابت پڇيو، جنهن تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنهنجي گهر وارن جو به تنهنجي مٿان حق آهي، رمضان جا روزا رک، ان کان پوءِ واري مهيني جا روزا رک ۽ هر اربع ۽ خميس جي ڏينهن روزو رکندو ڪر، ڄڻ ته تون سڄي زندگي روزا به رکيا ۽ افطار به ڪيو. (ترمذي، 187/2، حديث: 748)

## اربع جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل

## (1): قيامت تائين ثواب

جيڪو شخص اربع جي رات ٻه رڪعتون نماز پڙهي، پهرين رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ ڏهه دفعا سورة فَلَق (قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَق) پڙهي، ٻِي رڪعت ۾ سورة فاتحه کان پوءِ ڏهه دفعا سورة نَاس (قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاس) پڙهي، ته هر آسمان تان ستر هزار فرشتا نازل ٿيندا، جيڪي قيامت تائين ان جو ثواب لکندا رهندا.

(مفتاح السعادة، ص: 728)

## (2): اربع جي ڏينهن نَنهَن ڪٽڻ جو مسئلو

اربع جي ڏينهن نَنهَن نه ڪٽڻ گهرجن، ڇوته بَرَص يعني ڪوڙهه ٿيڻ جو انديشو آهي، پر جيڪڏهن اُڻيتاليهه (39) ڏينهن کان نه ڪٽيا هجن ۽ اڄ اربع چاليهون

ڏينهن آهي، جيڪڏهن اچ نہ ڪٽيندو تہ چاليهن ڏينهن کان وڌي ويندا، تہ ان تي واجب آهي تہ اچ ئي پنهنجا نُنهَن ڪَٽي، چاڪاڻ تہ چاليهن ڏينهن کان وڌيڪ نُنهَن رکڻ ناجائز ۽ مکروهِ تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ فتاويٰ رضويہ، جلد 22، صفحو نمبر 574 ۽ 685 پڙهو) (پوڙهو پُوڄاري، ص: 32)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه کان هن قسم جو سوال ڪيو ويو تہ هڪ حديث ۾ اربع جي ڏينهن نُنهَن ڪٽڻ جي ممانعت آئي آهي ۽ ٻي حديث ۾ اربع جي ڏينهن نُنهَن ڪٽڻ جي فضيلت آئي آهي، انهن ٻنهي روايتن ۾ تطبيق يا ترجيح جي ڪهڙي صورت آهي ۽ اربع جي ڏينهن نُنهَن ڪٽڻ ڪيئن آهي؟ ان جي جواب ۾ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: ”نُنهَن ڪٽڻ بابت ڪنهن بہ ڏينهن کا بہ ممانعت نہ آهي، چو تہ ڏينهن جي تعين ۾ ڪا صحيح حديث ثابت نہ آهي، پر ڪجهہ ضعيف حديثن ۾ اربع جي ڏينهن نُنهَن ڪٽڻ جي ممانعت آئي آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اربع جو ڏينهن وجوب جي ڏينهن اچي وڃي، مثال طور اُٽيتاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا ۽ اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي، جيڪڏهن اچ نہ ڪٽيندو تہ چاليهن ڏينهن کان وڌي ويندا، تہ ان تي واجب آهي تہ اربع جي ڏينهن ئي ڪٽي، چوتہ چاليهن ڏينهن کان وڌيڪ نُنهَن رکڻ ناجائز ۽ مکروهِ تحريمي آهي ۽ جيڪڏهن مذڪوره صورت نہ هجي تہ اربع کانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏينهن تي نُنهَن ڪٽڻ مناسب آهي چو جو منع کي ترجيح حاصل آهي. (فتاويٰ رضويہ، 685/22 ملخصاً)

## نئون ڪم اربع جي ڏينهن شروع ڪيو وڃي

ڪو نئون ڪم شروع ڪرڻو هجي تہ ان جي لاءِ بہ اربع جو ڏينهن تمام گهڻو بابرڪت آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: مَابُدِئَ بِشَيۡءٍيَوۡمَ الۡاَرۡبَعَاءِاِلَّاتَمَّ يعني ڪوبہ اهڙو عمل نہ آهي جنهن جي شروعات اربع کان ٿي هجي ۽ اهو مڪمل نہ ٿيو هجي.

(ڪشف الخفاء، 163/2، تحت الحديث: 2189)

اُمت جا جليل القدر علماء درس ۽ تدريس جي معاملي ۾ بہ هن حديث پاڪ تي عمل ڪندا هئا. جيئن تہ حضرت شيخ برهان الدين زرنوجي رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: اسان جا استاد شيخ الاسلام برهان الدين (صاحبِ هدايہ) رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جي عادت هئي تہ پاڻ سبق اربع جي ڏينهن کان ئي شروع فرمائيندا هئا ۽ ان تي هڪ حديث روايت ڪري ان تي استدلال ڪندي فرمائيندا هئا تہ رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ڪوبہ اهڙو عمل نہ آهي جنهن جي شروعات اربع کان ٿي هجي ۽ اهو مڪمل نہ ٿيو هجي. سبق شروع ڪرڻ جو اهو ئي طريقو امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ جو بہ هو ۽ پاڻ هن حديث ڪي پنهنجي استاد شيخ قوام الدين احمد بن عبد الرشيد رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کان روايت ڪندا هئا ۽ مون ڪجهہ بااعتماد ماڻهن کان ٻڌو آهي تہ شيخ ابو يوسف همداني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ هر نيڪ ڪم جي ابتدا اربع جي ڏينهن ڪندا هئا. اربع جي ڏينهن کي هڪ خصوصيت هيءَ بہ حاصل آهي تہ اربع اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله پاڪ نور کي پيدا فرمايو ۽ اهڙي طرح هي ڏينهن ڪافرن لاءِ منحوس ۽ مؤمنن جي لاءِ مبارڪ آهي. (تعليم المتعلم، ص: 72-73)

## دعا قبول ٿيڻ جي خوشخبري

حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سومر، اڱارو ۽ اربع ٽيئي ڏينهن دعا فرمائي، اربع جي ڏينهن ٻن نمازن ظهر ۽ عصر جي وچ ۾ دعاءِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي قبوليت جو شرف عطا ٿيو ۽ سندن چهري انور تي خوشي جا آثار ظاهر ٿيا. حضرت جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: ان کان پوءِ مون کي جڏهن بہ ڪو اهم مسئلو يا مشڪل معاملو پيش آيو تہ مان ان وقت جو انتظار ڪيو (يعني اربع جي ڏينهن ٻن نمازن ظهر ۽ عصر جي وچ وارو) ۽ ان وقت بارگاهِ الٰهي ۾ دعا ڪئي، تہ اها قبوليت جي درجي کي پهتي.

(شعب الايمان، 3/397، حديث: 3874)

# خميس

خميس جو ڏينهن تمام گهڻو برڪت وارو آهي، ڇوته ان ۾ برڪت جي لاءِ پاڻ نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خاص دعا ڪندي ارشاد فرمايو: اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لِاُمَّتِيْ فِيْ بُكُوْرِهَا يَوْمَ خَمِيْسِهَا يعني اي الله! منهنجي امت جي خميس جي صبح ۾ برڪت عطا فرماءِ.

(مسندِ بزار، 448/11، حديث: 5312)

هِن ڏينهن کي تاريخي اعتبار کان ڪيترين ئي نسبتون حاصل آهن، مثال طور:

- حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خميس جي ڏينهن مصر جي بادشاهه وٽ تشريف کڻي ويا ۽ اتي حضرت بي بي هاجره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا کي حاصل ڪيائون.
- خميس جي ڏينهن حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جا پائر سندن دربار ۾ حاضر ٿيا ۽ نعمت حاصل ڪيائون.
- حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام جو سڳو ڀاءُ بِنيامين مصر ۾ داخل ٿيو ته حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلَام کي حاصل ڪيائين.
- حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام مصر ۾ داخل ٿيا ته امن حاصل ڪيائون.
- امام الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مڪي مڪرمه ۾ داخل ٿيا ته فتح ۽ نصرت حاصل ڪيائون. (ڪتاب السبعيات في مواعظ البريات، ص: 84 ملتقطاً- فضائل الايام و الشهور، ص: 142-144 بتغير)
- اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خميس جي ڏينهن سفر کي پسند فرمائيندا هئا، جيئن ته حضرت ڪعب بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم غزوات جي لاءِ خميس جي ڏينهن وڃڻ پسند فرمائيندا هئا.

(بخاري، 296/2، حديث: 2950)

علامه محمد عبدالرؤف مُناوي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه (وفات:1031هه) لکن ٿا ته خميس جو ڏينهن وڏو مبارڪ ڏينهن آهي، خاص ڪري طلبِ حاجت ۽ سفر شروع ڪرڻ جي لاءِ. حضرت صَخر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ خميس جي ڏينهن سفر لاءِ روانا ٿيندا هئا ۽ وڏا مالدار بڻجي ويا. (فيض القدير، 133/2، تحت الحديث: 1458) وڌيڪ فرمائن ٿا ته علم حاصل ڪرڻ

لاءِ صبح جو سوير ويهڻ مستحب آهي ۽ علم جو شروع ڪرڻ يعني ڪنهن ديني ڪتاب جي شروعات خميس جي ڏينهن خاص ڪري صبح جو سوير ڪرڻ تمام گهڻو بهتر آهي. جيتوڻيڪ بزرگانِ دين رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡهِم علم جي ابتدا اربع جي ڏينهن ڪرڻ فرمائي آهي، ڇو ته اربع يومِ نور آهي ۽ علم به نور آهي، تنهن هوندي به خميس جي ڏينهن علم شروع ڪرڻ برڪت جو باعث آهي. ڪجهه جامعِ علم ۽ ولايت وصيت فرمائيندا آهن ته تاليف ۽ قراءت جي ابتدا سومر ۽ خميس تي ڪرڻ گهرجي. (فيض القدير، 23/2، تحت الحديث: 1214 ملتقطاً فضائل الايام و الشهور، ص: 141)

## خميس جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خميس بابت اوهان ڄاڻي چڪا آهيو، هن مبارڪ ڏينهن جي مبارڪ گهڙين ڪي عبادت ۾ گذارڻ جي لاءِ تفصيل هن ريت آهي:

## خميس جي ڏينهن جو روزو

ممڪن هجي ته ان ڏينهن جو روزو رکو، ڇو ته هي اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت آهي، جيئن ته حضرت اُسامه بن زيد رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مون بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن توهان روزا رکندا آهيو ته ائين لڳندو آهي ته اوهان افطار نه ڪندا (يعني مسلسل روزا رکندا) ۽ جڏهن اوهان روزا نه رکندا آهيو ته ائين لڳندو آهي ته سواءِ ٻن ڏينهن جي ڪڏهن روزا نه رکندا ۽ اهي به ڏينهن اهڙا آهن جو جيڪڏهن توهان جي روزن جي وچ ۾ اچي وڃن ته نيڪ، نه ته اوهان خاص طور انهن ٻن ڏينهن جا روزو ضرور رکندا آهيو. دريافت فرمايائون: اهي ڪهڙا ڏينهن آهن؟ مون عرض ڪيو: سومر ۽ خميس. فرمايائون: هي اهي ڏينهن آهن جن ۾ رَبُّ العالمين جي بارگاهه ۾ عمل پيش ڪيا ويندا آهن ۽ مان ان ڳالهه کي پسند ڪندو آهيان ته منهنجا عمل روزي جي حالت ۾ پيش ڪيا وڃن. (نسائي، ص: 387، حديث: 2355)

# درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو


هن ڏينهن جون وڏيڪ برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ نبيِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ گهڻي کان گهڻا درود وسلام جا نذرانا پيش ڪريو، ڇو تہ حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي تہ الله پاڪ فرشتن کي موڪليندو آهي، جن وٽ چانديءَ جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن ۽ اهي لکندا آهن تہ ڪير ڪير خميس جي ڏينهن ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهي رهيو آهي. (ڪنزالعمال، جز: 1، 250/1، حديث: 2174)

## فهرست


| عنوان | صفحو | عنوان | صفحو |
|---|---|---|---|
| جمعي مبارڪ جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟ | 03 | آچر جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟ | 11 |
| صرف جمعي جو روزو رکڻ ڪيئن آهي؟ | 03 | آچر جو روزو | 12 |
| 10 هزار سالن جي روزن جو ثواب | 04 | حاجت روائي جا 2 عمل | 15 |
| جمعي جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل | 04 | سومر جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟ | 16 |
| جمعي جي رات جا 4 عمل | 04 | سومر شريف جو روزو | 16 |
| جمعي جي نماز کان پوءِ هيءَ دعا گهرو | 06 | سومر جي ڏينهن ڪرڻ وارا عمل | 16 |
| ڇنڇر جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟ | 09 | سمورا گناھ معاف | 16 |
| ڇنڇر جو بابرڪت صبح | 10 | اڱاري جي ڏينهن ڪپڙا نہ ڪٽيو | 17 |
| اربع جو روزو | 18 | دعائن قبول ٿيڻ جي خوشخبري | 20 |
| قيامت تائين ثواب | 19 | خميس جو ڏينهن ڪيئن گذارجي؟ | 22 |
| اربع جي ڏينهن نَنهَن ڪٽڻ جو مسئلو | 19 | خميس جو روزو | 22 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| نئون ڪم اربع جي ڏينهن شروع ڪيو وڃي | 20 | درود پاڪ جي ڪثرت ڪريو | 23 |

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net